# صديق اڪبر رضی اللہ عنہ جا قول

سنڌي




پيشڪش:

مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامی)

ترجمو:

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامی)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفڪربيروت)



طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: صديق اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه جا قولَ

ڇاپو پهريون: جمادي الآخر 1443ھ جنوري 2022ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ
دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه
**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**
جو رسالو

# صديق اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْه جا قول

**پيشڪش**

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

**ترجمو**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**
**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.n

# فهرست

صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جا قولَ ............................. 1
دعاءِ عطار ............................................ 1
درود شريف جي فضيلت ................................ 1
مرڻ وقت ڪلمو نصيب نہ ٿيو ............................. 1
خُلفاءِ راشدين سان محبت جو صِلو ......................... 2
عرس شريف ............................................ 3
ارشاداتِ صديقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ ............................ 5
نصيحت آموز ڪلما ..................................... 5
ڪنهن مسلمان کي حقير نہ سمجهو ......................... 6
ڪثرت سان دُعا ڪندا ڪيو ................................ 6
انهن جهڙا نہ ٻئجي وڃجو ................................. 7
خوفِ خدا جو عظيم مثال ................................. 8
محبت الٰهي جو مزو ...................................... 8
ڪڏهن پيٽ پري نہ ڪاڏو ................................. 8
نماز جي ترغيب ......................................... 8
جهنّم کان محفوظ رهڻ جو عمل ............................ 9
وات ۾ پٿر رکندا ها ...................................... 9
خود پسندي کان پري رهندا هئا ............................ 10

اڪين مان لڙڪ جاري ٿي ويندا هئا............................ 10
صديق اڪبر جي عاجزي........................ 10
اللّٰه کان حياء ڪيو............................ 11
تعزيت جو خوبصورت انداز.......................... 11
هر مصيبت تي اجر ڏنو ويندو آهي.................. 12
بُرائي کان نه روڪڻ جو وبال...................... 12
صبح و شام اللّٰه جي ذمي ڪرم تي آهي.................. 13
سلمان فارسي کي نصيحت.......................... 13
اُميد ۽ خوف جو اعليٰ مثال.......................... 14
پاڙيسريءَ سان جهيڙو نه ڪيو.......................... 14
زمين تي رحمتِ الٰهي جو سايو.......................... 15
شراب جو وبال.................................. 16
صديق اڪبر کان منقول دعائون، صبح ۽ شام گهري ويندڙ دعا....... 16
جنازو پڙهائڻ کان بعد دعا.......................... 17
جنّاتُ النعيم جا اعليٰ درجا.......................... 17
شين ۾ تمام نعمت جو سوال.......................... 18
ايمانِ ڪامل، يقينِ صادق جي دعا.................. 18
رحمت الٰهي جو سوال.............................. 18
مون تي حق واضح فرماءِ.......................... 19

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# صديق اکبر رَضِیَ اللہُ عَنْہ جا قول

## دعاءِ عطار

يارَبَّ المصطفيٰ! جيڪو بہ مڪمل رسالو ”صديق اکبر جا فرمان“ پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن کي ۽ سندس نسلن کي صحابہ ۽ اهلبيت جي سچي غلامي نصيب فرماءِ ۽ عشقِ رسول جي لازوال دولت سان مالا مال فرمائي ڪري بي حساب بخش فرماءِ. اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ صدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنْہ: نبي ڪريم، رَؤُوۡفُ الرَّحيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي دُرودِپاڪ پڙهڻ گناهن کي ايترو تہ جلدي متائيندو آهي جو پاڻي بہ باهہ کي ايترو جلدي ناهي وِسائيندو ۽ نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي دُرود موڪلڻ غلامن کي آزاد ڪرائڻ کان افضل آهي. (تاريخ بغداد،172/7،رقم:3607)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مرڻ وقت ڪلمو نصيب نہ ٿيو

هڪ بُزرگ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو بيان آهي تہ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي شان ۾ ڪمي ڪرڻ وارو منهنجو هڪ پاڙيسري مري ويو، مون اُن کي خواب ۾ ڏٺو تہ اهو ڪاڻو هيو، مون پڇيو: اي فلاڻا! هي مان ڇا ڏسي رهيو آهيان؟ اُن چيو مون حضرت محمدِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اصحاب جي شان ۾ ڪمي ڪئي تہ مون ۾ هيءَ ڪمي ڪئي وئي پوءِ اُن پنهنجو هٿ پنهنجي ضايع ٿيل اک تي رکي ڇڏيو. (موسوعة ابن ابی الدنيا، 3/ 117 ، حديث : 222)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

**اي عاشقانِ صحابہ ۽ اهلبيت!** ڏٺو توهان؟ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي شانِ پاڪ ۾ بي اَدبي ڪرڻ واري جو مرڻ کان پوءِ ڪيترو بُرو انجام ٿيو. جيڪو بدنصيب خلفاءِ راشدين خصوصي طور شيخين ڪريمين يعني حضرتِ ابوبڪر صديق ۽ حضرتِ عمرفاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمَا جي شانِ عظمتِ نشان ۾ بُري ڳالھ چئي اهو هِن ڳالھ کان نٽو ڊڄي تہ دُنيا ئي ۾ انڌو، ٻوڙو ٿي ڪري عذابِ الٰهي ۾ مبتلا ٿي وڃي. الامان والحفيظ.

محفوظ سدا رکھنا شہا! بے اَدبوں سے        اور مجھ سے بھی سرزد نہ کبھی بے اَدَبی ہو

(وسائل بخشش،ص 315)

## خُلفاءِ راشدين سان محبت جو صِلو

الله ڪريم جي پياري پياري آخري نبي، مڪي مَدَني، محمدِ عربي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ”منهنجي حوض جون چار ڪندون آهن پهرين ڪند تي ابوبڪر، ٻئين تي عمر، ٽئين تي عثمان ۽ چوٿين تي علي هوندا (رضي الله عنهم اجمعين) جيڪو ابوبڪر سان محبت ڪري ۽ عمر سان بغض رکي اُن کي ابوبڪر سيراب نہ ڪندا ۽ جيڪو عمر سان محبت رکي ۽ ابوبڪر سان بغض رکي ان کي عمر سيراب نہ ڪندا ۽ جيڪو عثمان سان محبت ڪري ۽ علي سان بغض رکي ان کي عثمان حوض مان نہ پياريندا ۽ جيڪو علي سان محبت ڪري مگر عثمان سان بغض رکي اُن کي علي سيراب نہ ڪندا.

(العلل المتناهية لابن جوزى،254/1، حديث :408)

حضرتِ ايوب سختياني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جنهن ابوبڪر سان محبت ڪئي ان دين کي قائم ڪيو ۽ جنهن عمر سان محبت ڪئي ان سڌي راهه اختيار ڪئي ۽ جنهن عثمان سان محبت ڪئي اهو نورِ مبين سان منوّر ٿيو ۽ جنهن علي سان محبت ڪئي تہ اُن وڏي مضبوط ڳنڍِ کي پڪڙيو ۽ جنهن تمام صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي متعلق حُسنِ ظن رکيو اهو نفاق کان بَري (يعني منافقت کان آزاد) آهي.

(الثقات لابن حبان،448/5، حديث:3310)

پھول رَحمت کے ہر دم لٹاتے رہے
ہاں غریبوں کی بگڑی بناتے رہے
حوضِ کوثر پہ مت بھول جانا کہیں
تم پہ ہر دم کروڑوں دُرُود وسلام

(وسائل بخشش،ص603)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## عرس شريف

مسلمانن جي پهرين خليفي، حضرتِ ابوبڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْه جو يومِ عرس 22 جُمادَي الآخر آهي. (تاريخ الخلفاء، ص 62) الله ڪريم جون سندن تي ڪروڙين رحمتون نازل ٿين، پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْه اهي عظيم صحابي رسول آهن جن جي شان ۾ قرآنِ ڪريم جون آيتون نازل ٿيون، صاحبِ قرآن، نبيِ آخرُالزّمان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بلڪ اللّٰهُ الرَّحمٰن بہ سندن کي پنهنجي رِضا جي خوشخبري ٻڌائي آهي.

مُسلمانن جا چوٿان خليفا حضرتِ علي رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: اعمال نامن ۾ نيڪين جي لحاظ سان ابوبڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْه سڀ کان وڌيڪ آهن، الله پاڪ انهن تي رحمتن جي بارش ڪري جو مسلمانن کي قرآن جمع ڪري ڏئي ويا. (مرقاة المفاتيح،729/4،تحت الحديث:2220)

پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي عُرس شريف جي مبارڪ ڏينهن جون برڪتون حاصل ڪرڻ لاءِ سندن مختلف فرمانَ ۽ دعائون ذڪر ڪيون وڃن ٿيون. عاشقانِ صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ پنهنجي آقا، يارِ غار ۽ يارِ مزار رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي سيرت کي اپنائڻ جي ڪوشش فرمايو ۽ ايصالِ ثواب جي لاءِ خوب هِن رسالي کي عام ڪيو صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي مبارڪ سيرت پڙهڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جا هي بہ رِسالا ”عاشقِ اڪبر“ ۽ ”شانِ صديقِ اڪبر“ پڙهندا. هي رسالا دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان فري ڊاؤن لوڊ بہ ڪري سگهو ٿا.

ہر صحابیِ نبی ...................... جنّتی جنّتی
سب صحابیات بھی.................. جنّتی جنّتی
حضرتِ صدیق بھی................. جنّتی جنّتی
اور عمر فاروق بھی.................. جنّتی جنّتی
عثمانِ غنی ...................... جنّتی جنّتی
فاطمہ اور علی ...................... جنّتی جنّتی
ہیں حسن حسین بھی .............. جنّتی جنّتی
ہیں معاویہ بھی.................... جنّتی جنّتی
اورابوسفیان بھی .................. جنّتی جنّتی
والدینِ نبی........................ جنّتی جنّتی
ہرزوجۂ نبی ........................ جنّتی جنّتی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ارشاداتِ صديقِ اڪبر رضي اللہ عنہ

حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه فرمايو: الله پاڪ جيڪو توهان کي نڪاح جو حڪم فرمايو، توهان ان جي اِطاعت ڪيو اُن جيڪو وعدو ڪيو آهي پورو فرمائيندو. الله پاڪ فرمايو: ”جيڪڏهن اُهي فقير هوندا ته الله پاڪ انهن کي پنهنجي فضل سان غني ڪري ڇڏيندو“.
(تفسير ابن ابی حاتم، النور، تحت الآية: 32، 8/ 2582)

## نصيحت آموز ڪلما

حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه پنهنجي خطبي ۾ اِرشاد فرمائيندا ها: ”ڪاڏي ويا اُهي ماڻهو جن جا چهرا خوبصورت هئا ۽ چمڪندا هئا ۽ اُهي پنهنجي جوانين تي فخر ڪندا هئا؟ ڪٿي آهن اهي بادشاهه جِن شهر تعمير ڪيا ۽ انهن جي چوڌاري ديوارون ٺاهي ڪري انهن کي محفوظ ڪيو؟ ڪٿي آهن اهي جيڪي لڙائي جي ميدان ۾ غالب ايندا هئا؟ زماني انهن کي ڪمزور ۽ ذليل ڪري ڇڏيو اهي قبرن جي تاريڪيءَ ۾ هليا ويا، جلدي جلدي ڪيو ۽ نجات تلاش ڪيو، نجات تلاش ڪيو.“ (احياء العلوم ، 5/ 201)

❀ اي انسانو! ڪوڙ کان بچو، جو ته ڪوڙ ايمان جو مخالف آهي.
( مسند امام احمد، 1/ 22، حديث: 16)

❀ جنهن کان تي سگهي اهو روئي ۽ جنهن کي روئڻ نه اچي اهو روئڻ جهڙي صورت ئي ٺاهي. (احياء العلوم، 201/4)

❀ اي انسانو! خوفِ خدا سبب توهان مان جيڪو روئي سگهي اهو روئي جو اهو ڏينهن اچڻ وارو آهي جو توهان روئاريا ويندؤ.
(تاريخ الخلفاء،ص81)

## ڪنهن مسلمان کي حقير نہ سمجهو

❀ ڪنهن مسلمان کي حقير نہ سمجهو ڇو تہ اَدنيٰ مسلمان بہ اللّٰہ پاڪ جي ويجهو وڏي مرتبي وارو هوندو آهي. (الزواجر،149/1 )

❀ مان توهان کي وصيت ڪيان ٿو تہ فقر و فاقہ جي حالت ۾ بہ اللّٰہ پاڪ کان ڊڄندا رهو ۽ ان جي اهڙي طرح حمد ۽ ثناء ڪيو جهڙي طرح ڪرڻ جو حق آهي ۽ پنهنجي گناهن جي بخشش گهرندا رهو بيشڪ اهو تمام گهڻو بخشڻ وارو آهي. (حلية الاولياء،70/1،رقم:81)

## ڪثرت سان دُعا ڪندا ڪيو

❀ اللّٰہ پاڪ جي بارگاهہ ۾ خوف ۽ اميد ساڻ ڪثرت سان دعا ڪندا ڪيو ڇو تہ اللّٰہ پاڪ حضرتِ زڪريا عليہ السلام ۽ اُن جي گهر وارن جي تعريف ڪندي فرمايو: اِنَّهُمْ كَانُوْا يُسٰرِعُوْنَ فِي الْخَيْرٰتِ وَ يَدْعُوْنَنَا رَغَبًا وَّرَهَبًا ؕوَكَانُوْا لَنَا خٰشِعِيْنَ.(پاره 17، انبيا:90) ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ نيڪين ۾ جلدي ڪندا هئا ۽ اسان کي وڏي اميد ۽ وڏي خوف سان پڪاريندا هئا ۽ اسان جي دربار ۾ دل سان جهڪڻ وارا هئا. (حلية الاولياء،69/1،رقم:80)

❀ اللّٰہ پاڪ جا ٻانهؤ! ڄاڻي وٺو بيشڪ اللّٰہ پاڪ پنهنجي حَق جي بدلي ۾ توهان جي جانِن کي گروي (يعني رهن) رکيو آهي ۽ انهيءَ تي توهان کان پڪو واعدو ورتو آهي ۽ توهان کان ٿوري ۽ جلد ختم ٿيڻ واري زندگي کي هميشہ رهڻ واري زندگي جي بدلي ۾ خريد ڪري ورتو آهي ۽ توهان وٽ اللّٰہ پاڪ جو ڪتاب (يعني قرآنِ ڪريم) آهي جنهن جا

عجائبات ڪڏهن ختم نٿا ٿي سگهن ۽ نہ ئي اُن جو نُور وسائي سگهجي ٿو. اُن جي آيتن جي تصديق ڪيو ۽ انهن مان نصيحت حاصل ڪيو، پڻ اونداهي واري ڏينهن لاءِ هن مان روشني حاصل ڪيو، بيشڪ الله پاڪ توهان کي عبادت لاءِ پيدا فرمايو ۽ توهان تي كِرَاماً كَاتِبِيْن (يعني اعمال لکڻ وارن فرشتن)کي مقرر فرمايو آهي ۽ جيڪو توهان ڪيو ٿا هُو اُن کي ڄاڻن ٿا. (حلية الاولياء،69/1،رقم:80)

## انهن جهڙا نہ بڻجي وڃجو

❀ الله پاڪ جا ٻانهؤ! ڄاڻي وٺو تہ توهان هڪ مقرره وقت (يعني موت اچڻ) تائين صبح ۽ شام ڪري رهيا آهيو جنهن جو علم توهان کي ناهي ڏنو ويو. جيڪڏهن توهان پنهنجي زندگي رضاءِ ربُّ الانام واري ڪمن ۾ گذاري سگهو تہ ايئن ئي ڪيو پر اهو الله پاڪ جي توفيق کان بغير ممڪن ناهي لهٰذا پنهنجي زندگي جي مهلت مان فائدو حاصل ڪيو ۽ هڪبئي تي اعمال ۾ اڳرائي ڪيو هن کان پهريان جو موت اچي ۽ توهان کي توهان جي برن عملن ڏانهن موٽائي ڇڏي. ڇو تہ ڪيترين ئي قومن پنهنجون عمرون غيرن جي لاءِ گذاري ڇڏيون ۽ پاڻ کي وساري ڇڏيائون. انهيءَ ڪري مان اوهان کي روڪيندو آهيان تہ توهان انهن جهڙا نہ بڻجي وڃجو. جلدي ڪيو جلدي! نجات حاصل ڪيو نجات! بيشڪ موت توهان جو پيڇو ڪري رهيو آهي ۽ اهو تمام جلدي اچڻ وارو آهي. (مصنف ابن ابی شيبة،144/8،حديث:1)

❀ اسان عزت کي تقويٰ ۾، مال داري کي يقين ۾ ۽ بزرگي کي عاجزي ۾ پاتو. (احياء العلوم،421/3)

## خوفِ خدا جو عظيم مثال

❀ منقول آهي ته حضرت سيّدُنا ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْه هڪ ڏينهن پکيءَ کي ڏسي ڪري اِرشاد فرمايو: اي پکي! ڪاش مان تون وانگر هجان ها ۽ مون کي انسان نه بڻايو وڃي ها.

(شعب الايمان، 485/1،حديث:788 ، احياء العلوم ، 4/ 226 )

کاش! کہ میں دنیا میں پیدا نہ ہوا ہوتا    قبر و حشر کا ہر غم ختم ہو گیا ہوتا

## محبت الٰهي جو مزو

❀ جيڪو شخص خالص محبتِ الٰهي جو مزو چکي وٺندو آهي ته اِهو اُن کي دُنيا جي طلب کان پري ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ان کي تمام انسانن کان وَحشت ڏياريندو آهي. (تفسيرروح البيان،388/8، تحت الآية:67)

## ڪڏهن پيٽ پري نہ ڪاڏو

❀ مان جڏهن کان مسلمان ٿيو آهيان پيٽ پري ناهي ڪاڏو ته جيئن عبادت جي مناڻ نصيب ٿئي ۽ جڏهن کان اسلام قبول ڪيو آهي الله پاڪ جي ملاقات جي شوق جي سبب ڪڏهن سير ٿي ڪري ناهي پيتو.
(مختصر منهاج العابدين،ص 87)

## نماز جي ترغيب

❀ صديق اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْه نماز جي وقت فرمائيندا ها: انسانو اُٿو! پنهنجي رب جي جنهن باهه کي توهان پڙڪايو آهي ان کي (نماز جي ذريعي) وسايو. (مڪاشفة القلوب،ص68)

## جهنّم کان محفوظ رهڻ جو عمل

❀ اميرالمؤمنين حضرت ابوبڪر صديق رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا: ”جنهن کي هي پسند هجي ته الله پاڪ بروزِ قيامت ان کي جهنّم جي باهه کان محفوظ رکي ته اُن کي گهرجي ته مؤمن جي لاءِ مهربان ۽ نرم دل ٿئي“. (تنبيه المغترين،ص76)

## وات ۾ پٿر رکندا ها

❀ اميرالمؤمنين حضرت ابوبڪر صديق رضی اللہ عنہ پنهنجي وات ۾ پٿر رکندا ها ۽ ڪيئي سال تائين پاڻ رضی اللہ عنہ ايئن ڪندا رهيا ايسيتائين جو گهٽ گفتگو ڪرڻ جي عادت بڻجي وئي، پاڻ رضی اللہ عنہ صرف کائڻ ۽ نماز جي وقت پٿر وات مان ڪيندا هئا ۽ هي صرف ان ڊپ کان هيو ته ڪٿي زبان مان فضول ڪلمو نه نڪري وڃي، پاڻ رضی اللہ عنہ جي وفات جو وقت ويجهو آيو ته پنهنجي زبان ڪڍي فرمايائون: هي اها آهي جيڪا مون کي هلاڪت جي مقام تي وٺي ويندي هئي. (پاڻ عاجزي طور ايئن فرمايائون).“ (تنبيه المغترين،ص190)

❀ حضرت صديق اڪبر رضی اللہ عنہ (عاجزي طور) فرمائيندا آهن: ڪاش مان (فضول ڳالهه چوڻ) کان گونگو هجان ها. (مرآة المناجيح، 18/8)

❀ اي انسانو! الله پاڪ کان معافي ۽ عافيت طلب ڪيو ڇوته مومن جي لاءِ اسلام کان بعد مغفرت ۽ عافيت کان وڌيڪ ڪا افضل شيءِ ناهي. (تنبيه المغترين، ص 45)

❀ ڪنهن صديق اڪبر رضی اللہ عنہ کان پڇيو: توهان صبح ڪيئن ڪئي؟ فرمايائون: ربّ جليل جي بارگاهه ۾ حقير ٻانهي جيان جيڪو ان جي احڪام جي پيروي جو پابند آهي. (تنبيه المغترين،ص153)

## خود پسندي کان پري رهندا هئا

❀ اميرالمؤمنين حضرت سيّدُنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہ تڪبر ۽ خود پسندي کان تمام گهڻو ڊڄندا ها جڏهن ماڻهو پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي تعريف ڪندا هئا ته پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ هيئن دعا گهرندا ها: ياالله پاڪ! جيڪو ڪجھ هي چون ٿا مون کي اُن کان بهتر بڻاءِ ۽ جيڪو ڪجھ هي نٿا ڄاڻن منهنجو اهو عمل معاف فرمائي ڇڏ. (تنبیہ المغترین،ص241)

## اڪين مان لڙڪ جاري ٿي ويندا هئا

❀ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ جڏهن قرآن جي تلاوت ڪندا ها ته سندن کي پنهنجي ڳوڙن تي اختيا نه رهندو هو (يعني زارو قطار روئندا ها).
(شعب الايمان ، 1 / 493 ، رقم : 806)

❀حُروفِ مُقَطَّعات جي باري ۾ فرمايائون: هر ڪتاب جا راز هوندا آهن ۽ قرآن جا راز سورتن جي شروع ۾ اچڻ وارا حرف آهن.
(تفسيرروح المعانی،پ1، البقرة، تحت الآية:1، 1 /136)

❀اي انسانو! ڀلائي جو حڪم ڏيو، بُرائي کان منع ڪيو توهان جي زندگي خير سان گذرندي. (تفسيرِ ڪبير 316/3)

## صديق اڪبر جي عاجزي

❀ هڪ شخص اميرالمؤمنين حضرت سيّدُنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہ کي بُرو ڀلو چيو ته پاڻ (پنهجي نفس کي مخاطب ڪندي) فرمايو: الله پاڪ تنهنجا جيڪي عيب لڪائي رکيا آهن اهي هن کا وڌيڪ آهن، جَڏُ اُن وقت پاڻ پنهنجي نفس کي اُن نگاهه سان ڏسي رهيا هئا ته هو الله پاڪ جي معرفت ۽ ان کان ڪما حقه ڊڄڻ ۾ ڪوتاهي ڪري رهيو آهي، پاڻ

اُن جي ڳالهه تي ڪاوڙ ۾ نہ آيا چوتہ پاڻ پنهنجي نفس ۾ ئي ڪمي خيال فرمائي رهيا هئا. هي سندن عظمت ۽ شان هو. (احياء العلوم، 212/1)

## اللّٰہ کان حياء ڪيو

❀ اي انسانو! الله پاڪ کان حياء ڪيو، اُن ذات جو قسم جنهن جي قبضۂ قدرت ۾ منهنجي جان آهي! جڏهن مان کُلي ميدان ۾ قضاءِ حاجت جي لاءِ ويندو آهيان تہ سايو (اُوٽ) حاصل ڪندو آهيان ۽ الله پاڪ کان حياء ڪندي پنهنجو مٿو ڍڪيندو آهيان. (مصنف ابن ابی شيبہ،44/2،حديث:1133)

❀ اي انسانو! الله پاڪ کان شرم ڪندا ڪيو، خدا جو قسم جڏهن مان بيتُ الخلا ويندو آهيان تہ الله پاڪ کان شرم جي ڪري پٺ سان پنهنجي پُٺي لڳائي ڇڏيندو آهيان. (تاريخ الخلفاء،ص75)

## تعزيت جو خوبصورت انداز

❀ جڏهن صديق اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ڪنهن جي تعزيت ڪندا ها تہ فرمائيندا ها: صبر ڪرڻ ۾ ڪا مصيبت ناهي ۽ روئڻ ڌوئڻ جو ڪو فائدو نہ آهي، ٻڌو! موت مابعد کان آسان ۽ ماقبل کان وڌيڪ سخت آهي، حضور صَلَّى اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي وفاتِ ظاهري کي ياد ڪندؤ تہ توهان کي پنهنجي مصيبت گهٽ معلوم ٿيندي ۽ الله پاڪ توهان کي وڌيڪ اجر عطا فرمائيندو. (ابن عساکر،336/30 )

❀ اسان جو دروازو بند ڪري ڇڏيو تہ جيئن اسان صبح تائين عبادت ۾ مشغول رهون. (تاريخ الخلفاء،ص75)

❀ نيڪ ماڻهو دنيا مان هڪ هڪ ڪري ڪنيا ويندا صرف اهي ماڻهو باقي رهجي ويندا جيڪي ايئن بيڪار هوندا جيئن جوَ ۽ ڳجيءَ جي ڪل ۽ انهن سان الله پاڪ جو ڪو تعلق نہ هوندو. (تاريخ الخلفاء،ص81)

## هر مصيبت تي اجر ڏنو ويندو آهي

❀ بلاشبہ مسلمانن کي هر شيءِ تي اجر ڏنو ويندو آهي ايسيتائين جو ننڍي مصيبت ۾ تسمي (بوٽ جي ڪهي) ٽٽڻ تي بہ پڻ ان مال تي بہ جيڪو ان جي آستين ۾ پيو هجي ليڪن اهو مسلمان ان کي ڳولهيندو وتي ۽ ان کي اهو مال گم ٿيڻ جو انديشو هجي پوءِ ان کي ذهن تي زور ڏئي حاصل ڪري. (الزہد للامام احمد، ص139، رقم: 565)

## بُرائي کان نہ روڪڻ جو وبال

جڏهن ڪا قوم پاڻ کان وڌيڪ عزت دار ماڻهن ۾ نافرماني ڪري ۽ اهي (عزت دار ماڻهو) انهن کي ان نافرماني کان نہ روڪن تہ الله پاڪ انهن تي اهڙي مصيبت نازل فرمائيندو جيڪا انهن کان پري نہ ٿيندي.
(شعب ا لايمان ،82/6،حديث:7551)

❀ اي انسانو! توهان هن آيت:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا عَلَيْكُمْ اَنْفُسَكُمْ لَا يَضُرُّكُمْ مَّنْ ضَلَّ اِذَا اهْتَدَيْتُمْ ؕ (پاره 7، سوره مائده :آيت105)

ترجمو ڪنزالعرفان: اي ايمان وارؤ! توهان پنهنجي جانين جو فڪر ڪيو جڏهن توهان هدايت تي آهيو تہ گمراهہ ٿيڻ وارو توهان جو ڪجهہ نہ بگاڙيندو.

کي پڙهندا آهيو ۽ ان کي غلط معنيٰ ۾ وٺندا آهيو جڏهن تہ اسان رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي فرمائيندي ٻڌو آهي تہ جڏهن ماڻهو ظالم

ڪي ڏسن ۽ ان جو هٿ نہ روڪن تہ قريب آهي تہ الله پاڪ انهن سڀني تي عذاب ڪري. (مسند امام احمد 15/1، حديث:1)

❀ جڏهن قيامت جو ڏينهن ٿيندو تہ هڪ اعلان ڪرڻ وارو اعلان ڪندو تہ ڪٿي آهن ماڻهن کي معاف ڪرڻ وارا؟ الله پاڪ انهن کي معاف ڪرڻ جو اجر عطا فرمائيندو. (جامع الاحاديث،182/14،حديث:219)

## صبح و شام الله جي ذمہ ڪرم تي آهي

❀ حضرت سلمان فارسي رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا: مون حضرت ابوبڪر صديق رضی اللہ عنہ جي خدمت ۾ حاضر ٿي ڪري عرض ڪيو: حضور! مون کي ڪجھ وصيت فرمايو. پاڻ اِرشاد فرمايائون: اي سلمان! الله کان ڊڄو ۽ ڄاڻي ونو عنقريب توهان کي فتوحات حاصل ٿينديون، البت مان اهو نٿو ڄاڻان تہ ان مان جيڪو توهان کي حصو ملندو توهان ان کي پنهنجي ڪم آڻيندؤ يا ضايع ڪندؤ؟ پر هڪ ڳالھ ياد رکجو جنهن پنج وقت نمازون ادا ڪيون اهو صبح ۽ شام الله پاڪ جي ذمہ ڪرم تي هوندو آهي ۽ جيڪي الله پاڪ جي ذمہ ڪرم تي آهن انهن کي قتل نہ ڪجان، ڪٿي ايئن نہ ٿئي جو توهان الله پاڪ جي ذمي کي نقصان ڏيو پوءِ الله پاڪ توهان کي جهنم ۾ اونڌي منهن وجهي ڇڏي. ( تاريخ الخلفاء، ص81)

## سلمان فارسي کي نصيحت

❀حضرت ابوبڪر صديق رضی اللہ عنہ حضرت سلمان فارسي رضی اللہ عنہ کي وصيت ڪندي اِرشاد فرمايو: يقيناً الله پاڪ توهان جي لاءِ دُنيا کي پکيڙي ڇڏيو آهي سو توهان ان مان ضرورت مطابق ئي حصو ونجو.
(دنیاسے بے رغبتی اورامیدوں کی کمی،ص72)

## اُميد ۽ خوف جو اعليٰ مثال

❀ جيڪڏهن آسمان مان ڪو وڏي آواز سان صدا لڳائي تہ جنت ۾ صرف هڪ ماڻهو داخل ٿيندو تہ مون کي اميد آهي تہ اهو مان ئي هوندس ۽ جيڪڏهن آسمان مان هي آواز اچي تہ دوزخ ۾ صرف هڪ ئي شخص داخل ٿيندو تہ مون کي خوف آهي تہ ڪٿي اهو مان ئي نہ هجان. (اللمع فی التصوف،ص168)

❀ ڏاڍو خوش قسمت آهي اهو شخص جيڪو ابتداءِ اسلام ۾ (يعني فتنن جي ڪَرُ ڪڻڻ کان پهريان) دنيا مان هليو ويو.

(مسند الفردوس،46/2،حديث:3747)

## پاڙيسري ءَ سان جهيڙو نہ ڪيو

❀ هڪ ڀيري حضرت ابوبڪرصديق رَضِیَ اللّٰہ عَنْه پنهنجي پٽ حضرت عبدالرّحمٰن رَضِیَ اللّٰہ عَنْه وٽان گذريا تہ اهو پنهنجي پاڙيسري کي ڇڙٻي رهيو هو تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہ عَنْه اُن کي فرمايائون: پنهنجي پاڙيسري سان جهيڙو نہ ڪيو ڇو تہ هي تہ هتي ئي رهندو پر جيڪي ماڻهو تنهنجي ويڙهہ کي ڏسندا اهي هتان هليا ويندا(۽ مختلف قسم جون ڳالهيون ناهيندا).
(تاريخ الخلفاء،ص79)

❀ ڪو شڪار اُن وقت تائين شڪار ناهي ڪيو ويندو ۽ نہ ئي ڪو وڻ اُنهيءَ وقت تائين ڪٽيو ويندو آهي جيستائين ذڪرُاللّٰہ کان غافل نہ ٿئي وڃي. (مصنف ابن ابی شيبة ،137/8،حديث:35582 ، الزہد للامام احمد، ص139،حديث:567)

❀ هڪ ڀاءُ جي دعا ٻئي ڀاءُ جي حق ۾ جيڪا اللّٰہ پاڪ جي رضا خاطر ڪئي وڃي قبول ٿي ويندي آهي. (الزہد للامام احمد، ص140،رقم: 574)

❀حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ هي شعر بطور نصيحت پڙهندا ها:

لَاتَزَالُ تَنْعِي حَبِيْباً حَتّٰى تَكُوْنَهُ وَقَدْ يَرْجُو الْفَتٰى الرِّجَا يَمُوْتُ دُوْنَهٗ

يعني اي غافل نوجوان! تون پنهنجي دوستن جي مرڻ جي خبر تہ ڏيندو رهين ٿو چا ڪڏهن سوچيو اٿئي تہ هڪ ڏينهن تون بہ هن وانگر بي جان ٿي ويندين ڇوتہ ڪڏهن ڪڏهن ڪو نوجوان اميدون پوريون ٿيڻ ڪان پهريان ئي سفرِآخرت تي روانو ٿي ويندو آهي.

(الزہد للامام احمد، ص142،رقم:591، تاريخ الخلفاء، ص82)

❀ اُن ذات جو قسم جنهن جي قبضي قدرت ۾ منهنجي جان آهي! جيڪڏهن توهان تقويٰ ۽ پرهيزگاري اختيار ڪيو تہ پري ناهي جو توهان تي آسانين جا دروازا ڪوليا وڃن ايسيتائين جو توهان ماني ۽ گيهہ سان سيراب ٿئي وڃو. (المجالسة وجواہرالعلم،409/1،رقم:1057)

## زمين تي رحمتِ الٰهي جو سايو

❀ هڪ ڀيري حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ منبر تي خطبو ڏيندي ارشاد فرمايو تہ مون نور جي پيڪر، تمام نبين جي سردار کي ارشاد فرمائيندي ٻڌو: ”عدل ۽ انصاف ۽ عاجزي ڪرڻ وارو بادشاهہ زمين تي الله پاڪ (جي رحمت) جو سايو ۽ اُن جو نيزو آهي، بس جنهن بادشاهہ ڪي پنهنجي ۽ الله پاڪ جي ٻانهن جي متعلق نصيحت ڪئي (يعني فائدي مند ڳالهہ ٻڌائي) الله پاڪ ان جو حشر پنهنجي رحمت جي ساپي ۾ فرمائيندو جنهن ڏينهن ان جي رحمت جي سايي ڪان علاوه ڪو سايو نہ هوندو ۽ جنهن بادشاهہ کي پنهنجي ۽ الله پاڪ جي ٻانهن جي باري ۾ ڌوڪو ڏنو الله پاڪ ان کي قيامت جي ڏينهن رسوا ڪندو.“

(فضيلة العادلين لابی نعيم اصبہانی،ص124،حديث:18)

## شراب جو وبال

❀ ڪنهن صديق رضی اللہ عنہ کان پڇيو: ڇا توهان جاهليت واري زماني ۾ شراب پيتو هو؟ ته پاڻ فرمايائون: الله پاڪ جي پناهه! مان هميشه پنهنجي عزت ۽ انسانيت جي حفاظت ڪندو هيس جڏهن ته شراب پيئڻ واري جي عزت ۽ انسانيت ٻئي ضايع ٿي ويندي آهن.

(تاريخ ابن عساکر ، 333/30 )

## صديق اڪبر کان منقول دعائون صبح ۽ شام گهڙي ويندڙ دعا

❀ تمام مسلمانن جي امڙ حضرت بي بي عائشه صديقه رضی اللہ عنہا فرمائن ٿيون: منهنجي والد محترم حضرت ابوبڪر صديق رضی اللہ عنہ صبح ۽ شام هڪ دعا گهرندا هئا (اها دعا هيءَ آهي) : ”اَللّٰهُمَّ اجْعَلْ خَيْرَ عُمْرِيْ آخِرَهٗ وَخَيْرَ عَمَلِيْ خَوَاتِمَهٗ وَخَيْرَ اَيَّامِيْ يَوْمَ اَلْقَاكَ يعني اي الله پاڪ! منهنجي آخري عمر بهتر ٿئي، منهنجي اعمال جو خاتمو ڀلائي تي ٿئي ۽ منهنجي ڏينهن ۾ سڀ کان بهتر ڏينهن اهو هجي جنهن ڏينهن مون کي تنهنجو ديدار نصيب ٿئي“ عرض ڪيو ويو: ” اي ابوبڪر! توهان کي هي دعا گهرڻ جي ڪهڙي حاجت آهي؟ توهان ته صحابي رسول آهيو، ثَانِيَ اثْنَيْنِ فِي الْغَارِ آهيو“ فرمايائون:”ڪڏهن ڪڏهن ايئن ٿيندو آهي جو ڪو سڄي زندگي جنتين وارا عملَ ڪندو رهندو آهي پر ان جو خاتمو جهنمين واري عمل تي ٿيندو آهي، ۽ ايئن به ٿيندو آهي ته ڪو سڄي زندگي جهنمين وارا عمل ڪندو رهندو آهي پر اُن جو خاتمو

جنتين واري عمل تي ٿي ويندو آهي.“ (يعني هميشہ اللہ پاڪ جي خفيہ تدبير کان ڏڄندا رهو).

(ڪنزالعمال،176/1،حديث:1537)

## جنازو پڙهائڻ کان بعد دعا

❀ مسلمانن جا پهريان خليفا حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه جڏهن ڪنهن ميت جو جنازو پڙهائي وٺندا ها تہ هيئن دعا فرمائيندا ها: ”اَللّٰهُمَّ عَبْدُكَ اَسْلَمَهُ الْاَهْلُ وَالْمَالُ وَالْعَشِيْرَةُ وَالذَّنْبُ عَظِيْمٌ وَّأَنْتَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ يعني اي اللہ پاڪ! تنهنجي هن ٻانهي کي سندن اهل ۽ عيال، مال ۽ متاع ۽ ٻين رشتيدارن بي يارومددگار ڇڏي ڏنو آهي هِن جا گناهہ تمام گهڻا آهن پر تون غفور ۽ رحيم آهين (هِن جي تمام گناهن کي بخش فرماءِ).“

(مصنف ابن ابی شیبة ، 242/7، حديث:11472)

## جنّاتُ النعيم جا اعليٰ درجا

❀حضرت حسن رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه کان روايت آهي تہ حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه پنهنجي دعائن ۾ هي عرض ڪندا ها: ”اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَسْاَلُكَ الَّذِيْ هُوَ خَيْرٌ فِي عَاقِبَةِ اَمْرِيْ اَللّٰهُمَّ اجْعَلْ مَا تُعْطِيْنِي الْخَيْرَ رِضْوَانَكَ وَالدَّرَجَاتِ الْعُلٰى فِيْ جَنَّاتِ النَّعِيْمِ“يعني اي اللہ پاڪ! مان توکان انهيءَ شيءِ جو سوال ڪيان ٿو جيڪا منهنجي عاقبت جي لاءِ سٺي هجي.“ اي اللہ پاڪ! تون جيڪا بہ ڀلائي مون کي عطا فرمائين ان جو انجام پنهنجي خوشنودي ۽ جناتُ النعيم جا اعلي درجات بڻائي ڇڏ.“

(الزہدللامام احمد،ص141،رقم:584)

## شين ۾ تمامِ نعمت جو سوال

❀حضرت عبدُالعزيز بن سلمه رضی اللہ عنہ کان روايت آهي ته حضرت ابوبڪر صديق رضی اللہ عنہ هيئن دعا ڪندا ها: ”اَسَاَلُكَ تَمَامَ النِّعْمَةِ فِي الْاَشْيَاءِ كُلِّهَا، وَالشُّكْرَ لَكَ عَلَيْهَا حَتّٰى تَرْضٰى وَبَعْدَ الرِّضَا وَالْخَيْرَةَ فِي جَمِيْعِ مَا يَكُوْنُ فِيْهِ الْخَيْرَةُ بِجَمِيْعِ مَيْسُوْرِ الْاُمُوْرِ كُلِّهَا لَا بِمَعْسُوْرِهَا يَا كَرِيْمُ يعني اي الله پاڪ! مان توکان تمام شين ۾ تمامِ نعمت (يعني جنت ۾ داخلا ۽ جهنم کان آزادي) جو سوالي آهيان ۽ اُن تي مون کي پنهنجو شڪر ادا ڪرڻ جي توفيق عطا فرماءِ ايسيتائين جو تون مون سان راضي ٿي وڃين، ۽ اي رب ڪريم! مون کي جيترا به ڀلائي وارا ڪم آهن انهن سڀني جي خير بغير ڪنهن مشڪل جي آساني سان عطا فرماءِ.“ (موسوعۃامام ابن ابی الدنيا، 502/1)

## ايمانِ ڪامل، يقينِ صادق جي دعا

❀پاڻ رضی اللہ عنہ جي دعا ۾ هي ڪلما به هوندا هئا: ” اَللّٰهُمَّ هَبْ لِيْ اِيْمَانًا وَّيَقِيْنًا وَّمُعَافَاةً وَّنِيَّةً يعني اي الله پاڪ! مون کي ايمانِ ڪامل، يقينِ صادق، تمام آفات و بليات کان محفوظ ۽ سچي نيت عطا فرماءِ.“ (موسوعۃامام ابن ابی الدنيا، 21/1)

## رحمت الٰهي جو سوال

❀ پاڻ رضی اللہ عنہ هِن طرح به دعا ڪندا هئا:”اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَسَاَلُكَ بِرَحْمَتِكَ الَّتِيْ لَا تَنَالُ مِنْكَ اِلَّا بِالْخُرُوْجِ يعني اي الله پاڪ! مان توکان تنهنجي اُن رحمت جو سوال ڪيان ٿو جيڪا تون پنهنجي راهه ۾ نڪرڻ وارن کي عطا فرمائيندو آهين.“ (ڪنزالعمال، 285/1، حديث:5030)

## مون تي حق واضح فرماءِ

❀پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنۡہ جي دعائن مان هڪ هي بہ دعا آهي: ”اَللّٰھُمَّ اَرِنِی الْحَقَّ حَقًّا وَّارْزُقْنِی اتِّبَاعَہٗ وَاَرِنِی الْبَاطِلَ بَاطِلاً وَّارْزُقْنِی اجْتِنَابَہٗ وَ لَا تَجْعَلْہُ مُتَشَابِھًا عَلَیَّ فَاَتَّبِعَ الْھَوٰی یعني اي الله پاڪ! مون تي حق کي واضح فرماءِ ۽ مون کي ان جي اِتباع جي توفيق عطا فرماءِ ۽ باطل کي منهنجي سامهون واضح فرماءِ ۽ مون کي ان کان بچڻ جي توفيق عطا فرماءِ ۽ ان کي منهنجي لاءِ مشتبہ نہ بڻاءِ جو مان خواهشن جي پيروي ڪرڻ لڳان.“

(احياء العلوم،134/5)

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ الله عزوجل جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❋ سنتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❋ روزانو "فڪرِ مدينہ" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ اللّٰہ عزوجل پنهنجي اصلاح جي لاءِ "**مدني انعامات**" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "**مدني قافلن**" ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰہ عزوجل







عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي
UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213
Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net